ملفوظات

زبدة الاصفياء عمدة الاسخياء هر دل عزيز

حضرت پير مخدوم علي احمد
المعروف پير فوتل سخي بادشاه

طالب دعا

فقير عامر علي چنه

حضرت سائین میان قونل رحمتہ اللہ علیہ

حضرت سائين صفي الله رحمتـ الله عليه

موجودہ سجادہ نشین

حضرت سائین پیر فضل اللہ دامت برکاتہم العالیہ

انتساب

والدين جي نانءُ
جنهن جي جهولين ۾ پليا سين
۽ انهن جي دعائن جي ڪري هن
ڪائنات جي خوبصورتي ڏسڻ
نصيب ٿي.

ٻه اکر

سدا سُرهـا هُئن، ماروئڙا مليـر ۾،
مَٽي پهنوارن پَونِ، مِهر جا شل مِينهڙا.

(سچل سر مست)

سنڌ جي سر زمين پوري دنيا ۾ مشهور آهي، هن سر زمين کي الله پاڪ بي حساب نعمتن سان گڏوگڏ اولياءِ ڪرام جي نعمتن سان ٻ نوازيو آهي، سَر زمين سنڌ تاريخي لحاظ سان ٻ اهم حيثيت رکي ٿي. هن سر زمين سنڌ تي انسان ذات کي محبت پيار ، پائيچارو ۽ مهمان نوازي ۽ دين اسلام جو درس ڏيڻ لاءِ لکين الله جا ڪامل ولي پيدا ٿيا آهن. وادي مهراڻ جي دربيلي شهر ۾ ٻ هڪ مردِ قلندر حضرت سخي قبلا سائين مخدوم علي احمد عرف ميان سائين ڦوٽل رحمتہ الله عليہ عشق و محبت جو انمول تحفو مخلوق خدا تائين پهچايو جنهن مان هزارين عاشق رسول ﷺ ان روحاني فيض مان پنهنجي سينن کي منور ڪيو.
هن ڪتاب ۾ ميان مخدوم سائين پير ڦوٽل جي زندگي جي مختصر سواح حيات ۽ ڪرامتن کي جمع ڪيو ويو آهي انهيءَ مقصد کي سامهون رکي تہ عاشقن جي دلين کي سکون و سرور نصيب ٿئي. دعا آهي تہ الله تعاليٰ انهن عاشقن جي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. **(آمين)**

فقير عامر علي درازي

نحمده و نصلي عليٰ رسوله الكريم

دنيا جي تاريخ ۾ اولياءَ الله جي سيرت و ڪردار و گفتار کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي ۽ بزرگن جي حالات تي وڏن عالمن قلم هلايو آهي ۽ انهن جا ڪتاب اڄ انسانيت جي تربيت لاءِ انتهائي فائدي وارا ثابت ٿيا آهن.

تصوف جي دنيا ۾ ته اهڙن ڪتابن کي هميشہ درس ۾ رکيو ويندو آهي جنهن مان لکين علم و عمل جا پياسا پنهنجي پياس اجهائيندا آهن ۽ انهن ڪتابن مان روحاني فيض حاصل ڪندا آهن. جو ته جتي صالحين بانهن جو ذڪر ٿيندو آهي اتي رب ڪريم جي رحمت نازل ٿيندي آهي ۽ يقينن ان رحمت جي سايي مان سڪون ملندو آهي. قرآن و حديث مان بہ صالحن ، عارفن، ڪاملن بانهن جي صحبت جو سبق ملي ٿو.

ڪنهن بہ ڪامل مرشد جي رهبري ڪان سواءِ ڪيل عبادتن ۽ رياضتن جا ثواب ۽ درجا ته ملي سگهن ٿا پر حق سان هيڪڙائي قرب الاهي ۽ جي حاصلات نا ممڪن آهي. جيئن حضرت سلطان باهو رح فرمائي ٿو ته

مرشد باجهون فقر ڪماوي وچ ڪفر دي ٻڏي هو
رات انڌياري مشڪل پيندا سوء سوء آون تڏي هو

مرشد ڪامل فقر جي رستي کي مختصر ڪري سالن جو پنڌ ڏينهن ۾ طئ ڪرائي ٿو ان نظر ڪيميا اثر سالڪ کي چنبڙندڙ موذي مرض جهڙوڪ حسد، لالچ ڪينو، تڪبر، حرص، حوس کان محفوظ رکي ٿي. پنهنجي زماني جي وڏي مفڪر ۽ صوفي مبلغ مولانا جلال الدين رومي پنهنجي مرشد بابت فرمايو ته

مولوي هرگز نہ باشد مولائي روم
تا غلام شمس تبريـزي نہ شـــد

ائين ئي مرشد **سچل سائين** رحمتہ الله عليہ جن فرمايو آهي تہ

روز ازل تون سگ هان مين دلبر دي دربار دا
هان پير عبدالحق دا چاكر سچـــل پيـزار دا
***
پير مغان كي آستان پر تو پڑا رهي اي سچـــل
پرواه هي كيا تجھ كو ترا جب پير عبدالحق هوا
***

اهو طريقو هميشہ صالحن جو رهيو آهي تہ اوليائن سان محبت كرڻ الله جو قرب حاصل كرڻ آهي ۽ انهن سان دشمني كرڻ ان جي ناراضگي جو سبب آهي. حديث پاڪ ۾ اولياءَ الله جي دشمنن جي لاءِ سخت وعيد آيل آهن حديث قدسي آهي تہ

من عادلي وليا فقد آذنتہ باالحرب

جنهن شخص منهنجي وليءَ سان دشمني ركي ان سان الله جنگ جو اعلان فرمائي ٿو.
كير آهي بدنصيب جيكو الله پاڪ سان جنگ جو اعلان كري سگهي؟
شال ڏٺي تعاليٰ انهن ولين جي صحبت ادب سيني كي نصيب فرمائي جن جي صدقي ۾ كروڙين دليون ذكر الاهي سان منور ٿين ٿيون كي نقشبندي كي قادري كي چشتي تہ كي وري سهروردي وغيره مطلب تہ هر ولي الله مخلوق خدا كي الله پاڪ جي ذات بابركات سان ملائڻ جو طريقو اختيار كيو آهي. انهن اولياءَ الله جي صدقي ئي هي دنيا هلي رهي آهي هي روحاني رهبر آهن توحيد ۽ سنت جو رستو ٻڌائيندا آهن ادب و عشق جو مقام سمجهائيندا آهن.
انسانيت كي الله تعاليٰ جي ذات تائين حقيقي رستو ڏيكارجي ۽ شريعت و سنت جو پابند بنائجي اهڙن كاملن ٻانهن كي سنڌ ڏرتي هميشہ جنم ڏنو آهي. انهن كاملن ۾ دربيلي شهر ۾ ٻہ هك اهڙي هستيءَ جنم ورتو جنهن رات ڏينهن كريم رب كي راضي كري مخلوق خدا كي ٻہ مالك

حقيقي جي محبت ۽ محبوب ڪريم صلي الله عليہ والہ وسلم جن جي شريعت و سنت جو عامل بڻايو. جنهن جو اسم پاڪ حضرت مخدوم ميان علي احمد عرف سائين مخدوم ميان قوتل رحمتہ الله عليہ جن آهن.

اولياءَ ڪرام جي ڪرامات جو ثبوت

اولياءَ الله کان ڪرامات جو ظاهر ٿيڻ برحق آهي. اولياءَ الله لاءِ اهو لازمي ناهي تہ انهن کان ضرور ڪرامات ظاهر ٿئي تہ پوءِ اهو ولي آهي هرگز نہ ، ولي۽ لاءِ سنت و شريعت جي پيروي لازمي آهي جيڪڏهن ڪنهن الله پاڪ جي ڪامل ٻانهي کان ڪو خلاف عادت ڪم ظاهر ٿئي تہ ان جو انڪار ڪرڻ جائز ناهي ٿو تہ ڪرامات جو ثبوت قرآن ڪريم مان معلوم آهي جهڙي طرح الله پاڪ فرمايو آهي تہ

ان اکرمکم عندالله اتقاکم

(حجرات پ26)

(بيشڪ توهان مان زياده ڪرامات (عزت) وارو اهو آهي جيڪو زياده متقي هجي)

اصل ۾ ولي الله لاءِ پرهيزگاري هجڻ لازمي آهي ان کان ڪرامات جو ظهور ٿي سگهي ٿو.قرآن ڪريم ۾ حضرت سليمان عليہ السلام ۽ بيبي بلقيس جو مشهور قصو آهي.

جڏهن حضرت سليمان عليہ السلام کان هُد هُد پکي بغير اجازت جي غائب ٿي ويو ۽ واپس اچي حضرت بيبي بلقيس جي تخت واري خبر ٻڌايائين تہ حضرت سليمان عليہ السلام فرمايو تہ ڪير آهي جيڪو اهو تخت حاضر ڪري ونئي؟

تہ اتي وينل هڪڙي جِنَ چيو تہ توهان پنهنجي جاءِ تان اٿي ويهندا تہ آئون تخت حاضر ڪري ونندس، پاڻ فرمايائون تہ ان کان جلد ڪير آڻيندو؟ تہ ان وقت حضرت آصف بن برخيا هن طرح چيو جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ هن طرح آهي:

(قال الذي عنده علم من الكتاب انا آتيك به قبل ان يرتد اليك طرفك فلما راه مستقرا عنده قال هاذا من فضل ربي)

(سورت النمل 39)

"جنهن شخص وٽ علم هو ڪتاب جو ان چيو ته مان انهيءَ تخت ڪي اک چنپ ۾ آڻيندس پوءِ جڏهن ڏنائين ته اهو تخت حضرت سليمان عليہ السلام جي اڳيان هو. پوءِ فرمايائين ته هي منهنجي رب جو فضل آهي" جنهن شخص تخت آندو ان جو نالو حضرت آصف بن برخيا هو.

حضرت علامہ آلوسي رح لکيو آهي ته اهو تخت يمن ۾ هو ۽ حضرت سليمان عليہ السلام شام جي ملڪ ۾ هو. جيڪو (02) ٻن مهينن جيتري پنڌ تي هو جنهن وقت حضرت آصف بن برخيا دعا گهري ته اهو زمين جي اندران گذري حضرت سليمان عليہ السلام جي سامهون نڪري آيو.

(تفسير تبيان القرآن ج 05)

حضرت خثيمہ رضي الله عنہ فرمائي ٿو ته هڪ دفعي حضرت خالد بن وليد رضي الله عنہ وٽ هڪ شخص شراب جي پريل هڪ مشڪ ڪڍي آيو حضرت خالد بن وليد رضہ دعا گهري ته يا الله هن ڪي ماکي بناءِ، ته اها ماکي ٽي پئي ۽ سيني لشڪر وارن ڏنو ته اها ڪلي ماکي سان پريل آهي.

حضرت امام حسن رضي الله عنہ کان روايت آهي ته هڪ شخص نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيو ۽ بيان ڪيائين ته مان پنهنجي نياڻيءَ کي فلاڻي جهنگ ۾ ڇڏي آيو آهيان ۽ اها مري چڪي هوندي پوءِ ان شخص سان گڏ ان جهنگ ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن تشريف ڪڍي آيا ۽ ان ڇوڪريءَ کي ان جي نالي سان سڏيائون ته اي فلاڻي الله جي حڪم سان مونکي جواب ڏي پوءِ اها ڇوڪري هيئن چوندي نڪتي ته (لبيک وسعديک) مان حاضر آهيان ۽ فرمان بردار آهيان حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايو ته تنهنجا ماڻ ۽ پيءُ مسلمان ٿي ڇڪا آهن جيڪڏهن تون چاهين ته مان توکي انهن جي طرف موڪليان. ڇوڪريءَ

چيو تہ مونکي انهن بنهي جي حاجت ناهي مان الله تعاليٰ کي انهن بنهي کان بهتر لڏو آهي.

(جيتوڻيڪ اها چوڪري مَري چُڪي هئي)

(شفا شريف)

هي چند ڪرامتون دليل طور پيش ڪيون ويون آهن تہ ڪرامت جو انڪار ڪرڻ نہ گهرجي بلڪ انهن کي دل سان قبول ڪرڻ گهرجي. شال رب ڪريم اسان سڀني کي اولياٸن جو ادب ڪرڻ نصيب فرمائي. (آمين)

طالب دعاءِ
فقير عامر علي چنہ
تعلقو ڪنڊيارو
ضلع نوشهرو فيروز
سنڌ

بسم الله الرحمن الرحيم

شجره مبارک

حضرت مخدوم ميان سائين علي احمد المعروف حضرت مخدوم ميان سائين ڦوٽل رحہ بن حضرت مخدوم علي گوهر رحہ بن مخدوم ميان فضل الله رحہ بن مخدوم ميان عبدالوالي رحہ بن مخدوم محمد جعفر بن مخدوم عبدالواحد بن مخدوم محمد معصوم بن مخدوم عبدالرزاق بن مخدوم محمد معصوم بن مخدوم محمد عثمان بن مخدوم محمد جعفر بن مخدوم محمد عثمان بن مخدوم محمد عيسيٰ المعروف مخدوم محمد عيسن رحہ بن مخدوم محمد ڏنو بن مخدوم محمد عالم بن مخدوم محمد ڏنو بن مخدوم عمر بن مخدوم شمس الدين بن مخدوم محمود يمني بن مخدوم جمال الدين بن ابي بنيان قاضي قلم بن سدير بن اسد بن رعد بن ابي حامد بن طاهر بن وجيه بن محمد بن سعيد بن عبدالله بن احمد بن نبال بن شريح بن جعفر بن قاسم بن عمرو بن حضرت سعد رضي الله عنہ بن حضرت ابي وقاص رضي الله عنہ.

حضرت هاشم رضي الله عنہ ۽ حضرت وهب رضہ پاڻ ۾ پائر هئا. وهب جو پٽ ابو وقاص رضہ ۽ محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي والده ماجده حضرت بيبي آمنہ رضي الله عنها جن پاڻ ۾ پيڙ پاءُ هئا.

پير طريقت رهبر شريعت حضرت قبلہ فقير زبدت الاصفياء عمدت اسخياء هر دل عزيز حضرت سخي پير مخدوم علي احمد المعروف پير فوٹل سائين سخي بادشاھ

جي ليلائي نہ لهين تہ پڻ ليلائيــج
آسرَ مَ لاهيج سڃڻ ٻاجهيندڙ گهٽو

هن سنڌ ڏرتيءَ کيئي مَردِ قلندر پيدا کيا، جن جي نِگاهِ ڪرم سان ڪٽيل قلب روشن ٿيا ۽ کيئي ولايت جي درجي تي فائز ٿي ويا. انهن جي مزارن تي اڄ بہ لکين انسان زيارت لاءِ اچن ٿا، هزارين خطمہ شريف، ورد وظيفہ، درود وصلات موڪليا وڃن ٿا، ۽ انهن عقيدتمندن کي بہ سلام آهي جن صالحن ٻانهن سان صحبت ڪئي، دنيا جي لالچ، حرص و حوس ۽ دنيا جي خواهشن کي ترڪ ڪري هڪ يار جي رضا حاصل ڪرڻ ۾ لڳي ويا.
ڪامل وليءَ جي سنگت ۾ رهي شرابي، زاني، چور، ڏاڙيل، بي نمازي پنهنجون عادتون ترڪ ڪري صراط المستقيم واري گسَ تي هلڻ لڳا. پنهنجون دليون ذڪر و اَذڪار سان مُنور ڪيائون.
اها ئي آهي مردِ وَليءَ جي نگاھ جو هزارن جي دلين کي روشن ڪري ڇڏيائون. جيئن علامہ اقبال فرمايو آهي تہ

نگاہ مرد میں وہ تاثیر دیکھی
ہزاروں کی بدلتی ہوئی تقدیر دیکھی

اسان هتي بہ هڪ اهڙي مرد ولي جي ڳالهہ ڪيون ٿا جنهن جي نِگاھ ڪرم سان هزارن جون دليون روشن ۽ منور ٿي ويون.
دربيلو شهر ۾ هڪ سخي مرد حضرت قبلا سائين مخدوم علي گوهر رحمتہ اللہ عليہ جن جي حويلي پاڪ ۾ هڪ نينگر پيدا ٿيو جنهن جو

اسم مبارڪ حضرت سائين مخدوم علي احمد رحمتہ الله عليہ رکيو ويو.

درگاہ جو باني

حضرت ميان سائين قوتل جن جا وڏا سيئي بزرگ هستي ٿي گذريا آهن. درگاہ دربيلو شريف جو باني سائين ميان عبدالوالي رحمتہ الله عليہ جن آهن.

سندن جو فرزند سائين ميان فضل الله جيڪو سائين ميان قوتل جو ڏاڏو آهي. سائين ميان فضل الله ب وڏو درويش ٿي گذريو آهي سائين جن جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ دفعي تعلقي وارهہ ڳوٺ جولياڻي چانديا ۾ سائينءَ جو وڃڻ ٿيو.

اتي پاڻي ڪونہ هو سائينءَ جن کي عرض ڪيائون تہ سائين هتي پاڻي پيئڻ لاءِ ڪونہ آهي دعا ڪريو تہ پاڻي ميسر ٿئي. سائين جن فرمائن تہ هتي ڪچي ڪُوهي کڻو پوءِ انهن مريدن ڪُوهي کوٽي تيار ڪئي تہ پاڻي کارو هو سائينءَ جن کي عرض ڪين تہ سائين ڪُوهيءَ جو پاڻي کارو آهي. سائين جن هڪ پٿر پڙهي ڪُوهيءَ ۾ اڇلايو ۽ فرمائن تہ ڪُوهيءَ مان پاڻي ڪڍي منهنجي گهوڙيءَ کي پياريوتہ پاڻي پئي ٿي. مريدن پاڻي ڪڍي گهوڙيءَ کي پياريو تہ گهوڙيءَ پاڻي پيئڻ شروع ڪيو پوءِ سيني مريدن ب پاڻي پيتو تہ پاڻي منو هو.

نند پڻ جو زمانو

عاشقن آرام ڪڏهن تان ڪونہ ڪيو
طعني کيا تمام هبيباڻي هيڪڙي

نند پڻ ۾ ئي سندن مزاج ۾ سادگي ۽ اهلِ ذِکر ۽ فِکر ڏانهن توجهہ ۽ لاڙو هين، نماز ۽ روزن جا پابند هيا. ذکر ۽ فکر، رياضتن ۽ مجاهدن ۾ آخر تائين گهڻو مشغول رهندا هئا. خاص ڪري قرآن ڪريم پڙهڻ جو

ڏاڍو شوق هوندو هين. ننڍپڻ ۾ سائين جن مسجد شريف ۾ پنهنجو گهڻو وقت صرف ڪندا هئا، ۽ ڇالهائڻ ٻولهائڻ ۾ تمام گهٽ هوندو هين، ۽ ماني پاڻ سائين جن انين پهر کائيندا هيا.

طريقت ۾ قدم

مرشد ڪامل ايسا مليا جنهن دل دي تاڪي لاهي هــو
مين قربان ان مرشد تون باهو جس ڏسيا پيت الاهي هو

سندن گهر ۾ ئي فيض جو بيڪنار سمنڊ سلسلہ نقشبنديہ جو پئي وهيو ۽ هزارين ماڻهون فيض وارا پئي ٿيا. پاڻ پنهنجي والد ۽ استاد حضرت مخدوم سائين علي گوهر رحمت الله عليہ جي دست حق پرست تي دست بيعت ٿيا.

حُليو مُبارڪ

ڪجا ڪج مِحراب مُنهن تي محبوبن جي
ڏانگا وَنگا واهه واهه مُصحف جا اعــراب
ٻرهه سندا باب "سچـل" سپ ختـم ڪيا

سندن جو مُنهن مبارڪ گول ۽ چنڊ وانگر چمڪندڙ هو. سندن جي سُونهاري مُبارڪ اَڇي ۽ سنت مطابق هئي، سندن جي مُنهن مبارڪ مان ائين محسوس ٿيندو هو جڙ نور جون لاٽون نڪري رهيون آهن، سندن جون اکڙيون مبارڪ ننڍيون ۽ ڪاريون وڻندڙ هوندیون هيون. سندن جي اکڙين ۾ هميشہ سرمو پيل هوندو هو، سندن کي هميشہ اڇي رنگ جي ٽوپي پاتل هوندي هئي ۽ پاڻ هميشہ اڇا ڪپڑا پهريندا هئا. سندن جو قد مبارڪ ڊگهو هو، پاڻ گهڻو ڪري مُنهن مبارڪ تي مُسڪراهٽ سَجائيندا هئا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن فقيرن سان خوش طبعي ۾ ڪندا هئا، مطلب تہ فقيرن سان ڪِل پوڳ ۾ ڪندا هئا. فقيرن سان سُنگ ڪري ويهندا هئا ائين محسوس ٿيندو هو جڙ چوڏهين جو چنڊ ستارن ۾.

سائين ميان جا لقب

ڪي مريد سائين جن ڪي باغن سائين چوندا هيا، چاڪاڻ جو سائين جن جنهن ڳوٺ ۾ لَهندا هيا تہ اهو ڳوٺ باغ بهار ٿي ويندو هيو تنهن ڪري سائين جن ڪي باغن سائين سڏيندا هيا.
ڪي وري مريد سائين جن ڪي سائين ميان قوتل ڪري سڏيندا هيا.
چاڪاڻ جو سائينءَ جي ملڻ ۾ ايتري راحت ۽ خوشبوءِ هئي جيئن قوتي ۾ خوشبوءِ هوندي آهي تنهن ڪري ڪي سائينءَ ڪي ميان سائين قوتل ڪري سڏيندا هيا ۽ ان لقب سان ئي مشهور ٿي ويا.

مستجاب الدعوات

پنهنجي مرشد ڪريم جي محبت ۽ ان ۾ فنائيت سبب دعائن ڪي قبوليت جو شرف حاصل هوندو هيو. ڪيترن ئي فقيرن ۽ عام ماڻهن اهو مشاهدو ۽ تجربو ڪيو تہ فقط زبان مبارڪ مان جيڪي ڪجهہ ڪڍيندا هيا اهو الله تعاليٰ جي مهرباني سان ائين ٿي ويندو هيو جڏ سندس زبان مبارڪ ڪُن فيڪون هوندي هئي ۽ ڪين اهڙي دعا پنهنجي مرشد طرفان ٿيل هئي.

اولياءَ الله جو ادب ۽ احترام

پاڻ اهل الله شخصن جو ادب رکندا هيا ۽ فقيرن، درويشن، عالمن، اهلِ بيتن جو احترام رکندا هئا. ان کانسواءِ خانگاهن، درگاهن جي مريدن، خلفاء ۽ سجاده نشينن جي عزت ڪندا هئا ۽ انهن جا هٿ مبارڪ چمندا هئا. ڪٽي ۾ سندن وڃڻ ٿيندو هو تہ ان جي پسگردائي ۾ ڪنهن اولياء الله جي درگاهہ هوندي هئي تہ پاڻ ان جي حاضري ضرور پريندا هئا. اهلِ مماتي اولياء الله سان روحاني ملاقات ۽ ان سان هم ڪلام ٿيندا هئا.

عشقِ رسول ﷺ

پاڻ عشقِ رسول ﷺ ۾ سرشار هوندا هئا. هر وقت سندن زبان مبارڪ تي مدينہ جي شهنشاهہ جي ڳالهہ هوندي هئي. ذڪر فڪر، تلاوت ڪريم، ورد وظائف ۽ تجهد ڪان پو هميشہ درود شريف پڙهندا هئا.

اهلِ دنيا کان بي نيازي

پاڻ هميشہ غريبن، مسڪينن ۽ فقيرن سان گڏ وينل نظر ايندا هئا. اگرچہ ڪيترا ئي دنيادار، آفيسر ۽ وڏا ماڻهون درگاھ عاليہ دربيلو شريف تي ايندا هئا تہ بہ سين سان هڪ جهڙو ملڻ هوندو هين. غريب هجي توڙي امير سين سان اُتي بيهي پاڪر پائيندا هئا. چوند انهن جا ڪپڙا ميرا هجن. سين کي بي رياءُ ٿي ڪري حق سچ چئي ڏيندا هئا. مطلب تہ دنيادار ماڻهن جي ڪڏهن بہ ڪاڻ ڪوند ڪيڻائون پر فقيرن، عالمن ۽ اهلُ الله ۽ خاص ڪري اهلِ بيتن جي وڏي تعظيم ڪندا هئا.

سخاوت

سائين ميان قوتل جن صاحب توڪل هئا. سخاوت ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ڪو بہ درگاھ تي ايندو هو تہ خالي نہ موٽندو هو. سڄو ڏينهن ننگر هلندو هو.

سائين ميان قوتل ڪڏهن بہ در تي اَنَ جون بوريون پري نہ رکيون جيڪو ايندو هو سو سي في سبيل الله خيرات ڪري ڇڏيندا هئا.

(تعلقہ ڪنڊيارو جي پرسان "درگاھ لوڑهائي فقير" آهي اتي سائين جن جو وڇڻ ٿيندوهو تہ سائين مير محمد لوڑهائيءَ رح سائين جن کي چوندو هو تہ توهان سخي بادشاھ آهيو اسان کي بہ دعا ڪريو تہ اسان کي بہ الله تعاليٰ اهو ڏَڪُ ڏيڪاري ۽ اسان بہ فقيرن ۽ مسڪينن جي خدمت ۾ گذاريون. سائين مير محمد لوڑهائي فقير سائين ميان قوتل کي ڪڏهن بہ نالو ونڻي سڏ نہ ڪيائون هميشہ **سخي پير** ڪري سڏيندا هئا.)

سائين ميان قوتل کي بَگيءَ شهر جي پرسان ٿي ايڪڙ زمين مريدن کان في سبيل الله ملي سائين ميان جن اها زمين مسجد ۽ مدرسي لاءِ وقف ڪري ڇڏي اتي سوَن جي تعداد کان وڌيڪ طالبِ علم قرآن پاڪ پڙهندا آهن ۽ کي ئي حافظِ قرآن ٿي نڪتا آهن.

اهڙيون ڪي ئي زمينون خيرات ۾ ڏئي ڇڏيائين ۽ اهي لفظ فرمائيندا هيا ته اسان کي زمينن ۽ مال ملڪيت تي پروسو ناهي پروسو آهي ته رب پاڪ جي ذات تي پروسو آهي.

درگاه ڪي سنيالڻ

ان کان پوءِ سائين ميان قوتل جو بابو سائين ميان علي گوهر ٿيا. سي به وڏا اولياءَ الله ٿي گذريا آهن.
سائين ميان علي گوهر جن جڏهن هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا ته سائين ميان قوتل کي پنهنجي امڙ چيو ته پٽ تنهنجي لاءِ تنهنجو والد تسبي ۽ مسلو ڇڏي ويا آهن. هاڻي اهي سنيال، پوءِ سائين جن مسلو ۽ تسبي ڪٽي وڃي مسجد وسائي ۽ ورد وظائفن ۾ لڳي ويا. ماڻهن سان ڳالهائڻ بولهائڻ به گهٽ ڪيائون جڏهن ورد وظائف پورا ڪيائون ته مريدن سائين کي دعوتن لاءِ چيو پر سائين جن درگاه کان ٻاهر نڪرڻ کان انڪار ڪيو نيٺ سائين جن کي خليفه حاجي محمد يعقوب چنه، خليفه قادر بخش چنه ۽ خليفه حاڪم علي سنديلو پاڻ سان گڏ لاڙڪاڻو ضلعو گهمڻ وڃي ويا. اهڙي نموني سائين جن پنهنجا مريد سنيالڻ ۽ ڪنهن به ڳوٺ ۾ ويندا هيا ته ورد وظائف ڪندا رهندا هيا ۽ سائين جن ماني پنهنجي پچرائي ڪنيون ويندا هيا ۽ اها ماني ڪائيندا هيا.
سائين جن جڏهن جوان ٿيا ته سدائين روزي ۾ هوندا هيا ۽ هميشه پاڪائي ۾ رهندا هيا نماز به باجماعت ادا ڪندا هيا سائين جن پنهنجي مريدن کي گرمي ۾ شربت نهرائي پيارڻ ۽ رات جي وقت سيني ماڻهن کي کير سان ماني کارائيندا هيا.
سائين ميان جن پاڻ سانوڻ جو مَٽن کان وهاڻو ۽ پيرن کان رلهي رکندا هيا باقي مريدن کي هنڌ چادرن سان ڏينداهيا. ته مريد سائين جن عرض ڪندا هيا ته سائين ائين نه ڪيو اسانکي هنڌ چادرن سان نه ڏيو. انهن کي فرمائيندا هيا ته مشڪل ڪشا جي صدقي آرام ڪيو اوهان منهنجا ٻچا آهيو ٻچا آرام ڪن ته منهنجي دل خوش ٿئي ٿي.

گھـــڙيا سي چڙهيـــا ائيـــن اڻيئـــي
مَئـــي مَتـــي مهراڻ ۾ پـــئ ٽپو ڏيئـــي
تـ ميهار مِلئي سنيورو سيڻاھ سيـــن

وصال مبارڪ

زبدت الاصفياء عمدت اسخياء هر دل عزيز پير طريقت رهبر شريعت حضرت قبلہ فقير سخي پير مخدوم علي احمد المعروف پير فوٽل سائين سخي بادشاه جن پنهنجي زندگي جا آخري گهڙين کي سالڪيءَ جي حالت ۾ گذري، گهٽو وقت پنهنجي روح رهاڻ ۽ من جي موج ۾ڳذاريندا هيا، جيئن جيئن عمر وئي وڌندي تئين قلب بہ قادر ڏانهن وڌيڪ لڙندو ويو، ڪيترن ئي فقيرن کي راھ حق جي ڏيکاري.
سائين جن جو هر سال 15 فيبروري درگاھ عاليہ مخدوميہ دربيلو شريف ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو آهي. جنهن ۾ سنڌ جا نالي وارا علماء، شاعر ۽ نعت خوان سائين جن کي خراج عقيدت پيش ڪندا آهن.

ڪرامتون

(1) حضرت سائين ميان ڦوٽل رحمت الله عليہ هڪ ڏينهن ڳوٺ ٻاٻُوري ۾ هليا اُتي سائين جن جو مريد عبدالقادر جوٽيجي سائين جن کي عرض ڪيو تـ سائين پٽ کي اولاد ڪانہ ٿي ٿئي، اولاد ڪاڻ ان جي ٻي بہ شادي ڪرائي آهي تـ بہ اولاد کان محروم آهي. هلي گهرِ دُعا جا پِيرَ گهمايو تـ الله تعاليٰ اسان کي پُٽ ڏئي! سائين اُنهن جي گهر ويو ۽ انهيءَ جي پٽ جي گهر وارِيُن سائينءَ کي ڪِمري ۾ ويهاري ٻاهران در ڏنو تـ سائين جن انهن کي چيو تـ بابا دَرُ کوليو. انهن عورتن سائين جن کي چيو تـ اسان جا بَندِ ٽيل دَرَ کوليو تـ اوهان جو دَرُ کوليون. سائين جن جوش ۾ اچي ويا ۽ انهن عورتن کي چيائين تـ دَرُ کوليو تـ اسان دعا گُهرون تا الله تعاليٰ توهان کي اولاد ڏيندو. انهن عورتن در لاٿو تـ سائين جن دعا گهري

پوءِ اِهي لفظ فرمايا تہ "پهرئين مان ٽا اولاد ونون" سائين جن جي دعا سان الله تعاليٰ انهيءَ جي پهرئين گهر واريءَ کي پٽ جو اولاد عطا ڪيو.

(2) تعلقا ڏوڪري شهر بَگيءَ ۾ اُتي جام ابڙو سائينءَ جو مريد هو، تنهن سائينءَ کي عرض ڪيو تہ قبلا پٽ جو اولاد ڪاڻ ٿو ٿئي! دعا ڪيو تہ پٽ جو اولاد ٿئي. سائين فرمايس تہ جيڪڏهن سودو ڪرين تہ توکي رب جي دربار مان پٽ جو اولاد ونڊي ڏيان.
ان مريد جام ابڙي سائينءَ کي عرض ڪيو تہ سائين سودو وري ڪهڙو ٽا چئو. سائينءَ چيس تہ تو وٽ ڏاندُ رَنگ جو ڪارو بينو آهي اهو ڪاهي اڇ تہ سودو ڪريون، تون الله جي راه ۾ ڏاند ڏيءِ توکي بارگاه الاهيءَ مان پٽ ونڊي ٽا ڏيون. اهو مريد جام ابڙو يڪدم گهر وڃي ڏاند ڪاهي آيو چيائين تہ سائين سودو منظور آهي هاڻي دعا ڪريو.
سائينءَ دعا جي لاءِ هٿ مٿي ڪنيا سيني گڏجي دعا گهري، سائين دعا گهرڻ کان پوءِ ان فقير کي فرمايائين تہ توکي الله تعاليٰ هن ئي سال پٽ عطا ڪندو، ءِ اهو ڏاند موٽي درگاه تي اڇي خيرات ڪري ڇڏيائون.
سائين جي دعا سان ان مريد جام ابڙي کي ٻارهين مهيني پٽ جو اولاد ٿيو تنهن جو نالو سائينءَ جن (درگاهي) رکيو.

(3) ڏوڪري شهر جي پرسان مَنڊرن جي ڳوٺ ۾ سائين ميان قوٽل جو پنهنجي مريدن ڏي وڃڻ ٿيو. اتي محمّد يعقوب جوٽيجو سائين جن کي عرض ڪيو تہ قبلا مون مسڪين کي پٽ جو اولاد ڪونہ ٿو ٿئي دعا ڪريو تہ الله سائين ٻچڙو عطا ڪري. سائين ميان جن رب جي بارگاه ۾ عرض رکيو الله سائينءَ ان مسڪين محمد يعقوب کي پٽ جو اولاد عطا ڪيو. انهيءَ جو نالو سائين جن حضور بخش رکيو جيڪواڇ تائين سائين جن جي خدمت ڪندو پيو اچي.

(4) بَگي شهر ۾ ليمو فقير (نعت خوان) سائين ميان قوٽل کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين اسان کي بہ ڪا دعا ڪيو سائين جن فرمايس تہ توکي ڇا گهرجي تہ ليمي فقير ورندي ڏني تہ سائين ٻيو سڀ

ڪجھ آهي الله جا لک احسان آهن باقي پٽ جي اولاد جي ضرورت آهي اُها اوهان مهرباني ڪيو سائين ميان قوٽل فرمايس تہ ليما اُٽ ۽ هاٽي جو هاٽي وڃي پنهنجي گهر واريءَ سان صُحبت ڪري اچ. الله سائين ٻارهين مهيني توکي پٽ جو اولاد عطا ڪندو تنهن جي نشاني ٻانهن تي ڪارو ليکو هوندس. ٻارهين مهيني ليمي فقير (نعت خوان) کي پٽ ڄائو ساڳي نشاني سان جيڪا سائينءَ جن ليمي فقير کي ٻڌائي هئي.

(5) سائين ميان قوٽل جن وٽ ڪاڇي جا مريد آيا ۽ سائينءَ جن کي عرض ڪيائون تہ سائين مِينهُن ڪونہ ٿو وَسي جو اسان آبادي ڪريون. دعا ڪريو تہ مينهُن وسي ڪاڇي ۾ آبادي ٿئي پوءِ سائين جن انهن کي چيو تہ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري پوءِ دعا گهرون ٿا. سائين جن پوءِ انهن مريدن سان گڏجي دعا گهري. الله تعاليٰ سائينءَ جن جو عرض قبول ڪيو ۽ ڪاڇي ۾ مينهُن جو وسڪارو ٿي ويو ۽ ٻيهر ڪاڇُو سرسبز ۽ شاداب ٻڌجي ويو.

(6) سائين ميان قوٽل جن جو هڪ دفعي تعلقي ڏوڪري جي پرسان مَنڊرن جي شهر ۾ وڃڻ ٿيو اتي سائين جن وينا هيا تہ سائين جو مريد صابَنُ جوٽيجو آيو تہ سائين جن فرمايس تہ تون ان لاءِ آيو آهين تہ مان سائينءَ کان دعا گهرايان تہ ڪيسَن مان جِندُ آجي ٿئي. اُن مريد چيو تہ قبلا برابر توهان صحيح آهيو هاٽي دعا ڪريو تہ جِند آجي ٿئي، سائين جن فرمايس تہ اڄ دعا گهرون ٿا تون ڪورٽ ۾ پهچندي تہ توکي جج صاحب چوندو تہ توکي معافي آهي ڪيس تہ وڏو هُيو پر تنهنجو ڪو مُرشد ڪامل آهي جو هي ڪيسُ ئي ختم ڪري ويو آهي هاڻ اسان جي بہ توکي معافي آهي. اُهو فقير ڪورٽ ويو تہ جج صاحب بہ اُن صابَن جوٽيجي کي ساڳيا ئي لفظ چيا جيڪي سائينءَ جن فرمايا هيس.

(07) ٻلهڙجي (موهن جي دڙو) شهر ۾ محمد يوسف ابڙو سائين پير قوٽل رحہ جو مريد هيو ۽ ان سان گڏ سيدن جي حاويلي هئي. انهيءَ حويلي ۾ جنن جي ڪيسَ هئي اهڙو تہ جنن انهن کي بيزار ڪيو جو

اهي سيد سڳورا جاءِ مان اچي بيزار ٿيا. پنهنجو سامان سَڙو ڪٽي اچي فقير يوسف ابڙو جي گهر ۾ رکيائون. وري ان فقير يوسف ابڙو جي گهر ۾ اچي باھ لڳڻ شروع ٿي. اھو فقير سائين يوسف ابڙو يڪدم اچي درگاھ تي پھتو ۽ اچي سائين ميان پير ڏوٽل کي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين مون مسڪين غريب ۽ سيدن جي جنن مان جان ڇڏايو. اسان جو رھڻ ٻہ ڏکيو ٿي پيو آھي.

سائين ميان پير ڏوٽل جن ان فقير سان گڏجي ٻلھڙجي (موھن جو دڙي) ويا. جڏھن ان فقير جي گھر پھتا تہ انھن فقيرن کي چيائين تہ اسان ھڪ فيصلو ڪريون ٿا ھيءَ ڪٽ انھن (جنن) جي حوالي ڪريون ٿا. انھن فقيرن سائين جن کي عرض ڪيو تہ قبلا رڳو اسان جي جان ڇڏايو. جيئن ٻہ اوھان ڪريو. سائين جن فيصلو ڪيو تہ ھيءُ اسان فيصلو ڪيون ٿا تہ ھي ڪمرو انھن فقيرن جي حوالي ڪيون ٿا. توھان ان ڪمري ۾ اچڻ وڃڻ نہ ڪندا ڪريو. ان ڏينھن کان پوءِ اھي خوش گذارڻ لڳا.

(08) دادو لڳ ڳوٺ بخشل پنھور آھي اتي سائين ميان پير ڏوٽل جن کي شادي جي دعوت ملي سائين جن اتي ويا. اتي ھڪ فقير سائين جن کي عرض ڪيو تہ قبلا مون مسڪين کي پٽ جي اولاد ڪانھي دعا ڪيو تہ مون کي پٽ جي اولاد ٿئي.

سائين جن فرمايس تہ پٽ ڏوٽا ڪٽي اڇ تہ مان توکي پڙھي ڏيان. اھو فقير يڪدم پنج ڏوٽا ڪٽي آيو. سائين جن ڏوٽا پڙھي ڏنس ۽ فرمايس تہ پٽ توکي الله پاڪ پنج پٽ عطا ڪندو. ٿيو ٻہ ائين مالڪ ڪريم ان شخص کي پنج پٽ ڏنا.

(09) منڊرن جي ڳوٺ ۾ جوٽيجا رھندا آھن اھي سُخا ڪنيون درگاھ تي پيا اچن. جڏھن درياءَ وٽ پھتا تہ ٻيڙيءَ ۾ چڙھي وينا ۽ ٻيڙي ھلڻ شروع ڪيو، جڏھن ٻيڙي وچ درياءَ ۾ پھتي تہ اچي طوفان لڳو ٻيڙي ٻڏڻ لڳي تہ ھڪ مائيءَ (عورت) ونی دانھون ڪيون تہ اڇ سائين ميان ڏوٽل پھچ. مائيءَ جي چوڻ جي دير ھئي خدا جي قدرت اتي ھڪ

ٻيٽ ظاهر ٿيو جنهن تي اهي سپ لهي بيهي رهيا. طوفان جهڪو ٿيو ته پوءِ اهي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياءُ پار ڪيائيون.
جڏهن دربيلو شريف پهتا ته قبلا ميان سائين قوتل جن وينا هئا. سائين جن مسڪرائيندي ان عورت کي فرمايو ته امڙ اهڙا سڏ ڪبا آهن.

(10) رمضان جو مهينو هو سائين ميان قوتل رحمته الله عليه جن خليفي هدايت الله چنه کي سڏ ڪري فرمايائين ته شام جو روزو چوٽڻ جي لاءِ وڃي ڪاسائيءَ کان چيلي جو گوشت ونبي اچ ؟ فقير ٻه آهن. روزو کولڻ لاءِ گوشت ونبي اچ. خليفه هدايت الله چنه يڪدم ڪاسائيءَ وٽ ويو، ڪاسائيءَ کان پڇا ڪيائين ته گوشت ڪپي، ڪاسائيءَ جواب ڏنس ته گوشت ته ڪپي ويو آهي. موٽي اچي سائين جن کي عرض ڪيائين ته قبلا گوشت ته ڪپي ويو آهي.
پوءِ سائين جن خليفه کي فرمايو ته منهنجي چادر ڪٽي آلي ڪري اچ، خليفه يڪدم چادر مبارڪ آلي ڪري سائين جن کي آڻي ڏني. سائين جن چادر مبارڪ پنهنجي مٿان وجهي فرمايائين ته (جي ڪاسائيءَ وتان گوشت ڪپي ويو آ ته اسان پنهنجي رب پاڪ کان ٽا گهرون گنج ملندو) ڪلاڪ کن پوءِ شڪارپور جا ڪنڊر سائين جن مريد چار چيلا ڪٽي آيا ۽ اچي سائين جن عرض ڪيائون ته قبلا هي چيلا ننگر ۾ قبول ڪريو.
سائين جن الله پاڪ جو شڪرانو ادا ڪيو ۽ حڪم ڪيائون ته چارئي چيلا ڪُهو ته ٻچا ٻه ڪائن ۽ فقير ٻه، چارئي چيلا ڪُنا ويا.
اها آهي سائين ميان پير قوتل جي سخا الله سائين جيڪو ڪجهه ڏينندو هئس سپ الله پاڪ نالي خيرات ڪري ڇڏيندو هو.

حضرت محمد صفيع الله عرف مخدوم پير منل سائين رحہ

مخدوم پير منل سائين جن ميان سائين پير قوتل جن جا نندا فرزند هيا ۽ جمندي ئي جام هيا سندن جي ولادت مبارک 16-09-1973 ۾ ٿي. پاڻ نندي هوندي ئي وڏا سخي مهمان نواز، سباجهڙا ۽ سليٽا هوندا هيا. ماءُ پيءُ جو ادب نندڙن هک جيترن سان پيار ۽ شفقت سان پيش اچڻ، پنهنجن فقيرن سان نهايت ادب پيار ۽ محبت سان ملندا هيا ايتري قدر جو ماني ب فقيرن سان گڏجي کائڻ پسند کندا هيا. سائين جن سدائين هيٺ کنڊ کري هلندا هيا، جيئن کنهن غير عورت تي نظر نہ پوي سائين جن ڏي اکثر مريد خادم عورتون ب ايندیون هيون تہ سائين جن انهن ڏانهن ب کڏهن نظر کٹي کونہ نهاريو. پاڻ ڏاڍا سخي مرد هوندا هيا سندن وٹ اگر کو سائل ايندو هو تہ سائين جن ان جي هر مشکل پوري کندا هيا ايتري قدر جو پاڻ قرض کٹي ب ان سائل جي حاجت پوري کندا هيا.

سائين ميان قوتل رحہ جن ب مخدوم پير منل سائين جن کي سائين کري سڏ کندا هئا.

وقت جو ولي کامل حضرت فقير سائين ميان مير محمد لوڑهائي رحہ جن سائين مخدوم پير منل سائين جن جي رهڻي کهڻي کي ڏسي پاڻ فرمايائون تہ هي نينگر هک منو ميوو پيدا ٿيو آهي، ۽ هن ننيگر ۾ مون کي ولايت نظر ٿي اچي. ۽ پنهنجي هک خليفہ خاص فقير نظير حسين پٹي کي حکم کيائون تہ وچ کنڊياري شهر ۽ درٻيلو شهر جي جامع مسجد ۾ اعلان وجي کراءِ تہ هي نينگر مخدوم ميان منل سائين وقت جو وڏو فقير درويش پيدا ٿيو آهي، ۽ جيکو ان ڳالهہ کان انکار کري تہ ان کي مونڈي وني اچوس تہ مان ان کي بڏايان تہ ولي کامل جون نشانيون ڇا هوندیون آهن.

کشف:

(01) درگاهہ پاک تي جيکي مريد خادم ايندا هيا تہ سائين ميان منل جن حويلي پاک تي اڳ ۾ ئي ماني نهرائي ڇڏيندا هيا تہ قلاٹي شهر کان اڇ هيترا فقير اچي رهيا آهن ۽ انهن جي ماني جو بندوبست کريو.

(02) سائين مخدوم پير قوتل رح جن فقير عبدالحميد ٻيٽي وارو جتوئي جي دعوت تي ويا ۽ سائين جن پنهنجي ننڍڙي نينگر ميان منل سائين جن کي ب پاڻ سان گڏ ونڻي ويا. رات ڪافي گذري چڪي هئي سائين مخدوم پير قوتل رح جن ب آرامي هيا ت پير منل سائين جن سائين ميان قوتل کي نند مان جاڳائي چيو ت بابا سائين اٿو ت هلون توهان جو خليفو گذاري ويو آهي، تنهن تي سائين ميان قوتل رح جن ميان منل سائين جن کي چيو ت هينئر سمهو صبح سوير هلندا سين. پر سائين جن ساري رات جاڳي گذاري، صبح ٽيو ت انهن فقيرن سائين جن ڏي ماٺهو موڪليو ت قلاٽو خيلفہ گذاري ويو آهي، سائين جن ان فقير کي چيو ت بابا اسان کي رات ئي سائين ننڍي ميان منل سائين ٻڌائي ڇڏيو هو، اتان موٽندي سائين ميان قوتل رح جن اها ڳالهہ درگاھ پاڪ تي ب اچي ڪئي.

وصال مبارڪ

مخدوم پير منل سائين جن پنهنجي قوھ جواني ۾ هن فاني کي خيرباد چئي وڃي مالڪ حقيقي سان مليا.